


حسرتون
(شاعري مجموعو)
نانڪ آهوجا ‘نماڻو’

حسرتون

(شاعري مجموعو)

نانڪ آهوجا 'نماڻو'

اَرپيان ٿو



پنهنجي محبوب ماستر شري جئرام روپاڻيءَ کي
جنهن مونکي اَهڙي ادب جي انجيڪشن هڻي
شاعريءَ جا سلا پئدا ڪيا جي هاڻي وڌي وڻ
ٿيڻ لاءِ آمادهہ آهن.

حسرتون

(شاعري مجموعو)

شاعر : نانڪرام آهوجا 'نماڻو'

ائڊريس : گهر نمبر H 340، سيڪٽر AD،

اسڪيم 74، انڊور-452010.

فون : 0731-4209966 مو. : 7828857433

سال : 2016 ڪاپيون : 500 قيمت : 120 رپيا

ٽائيپ سيٽنگ ۽ : آهوجا گرافڪ سروس

ڇپائي ڊيزائن : اي-وارڊ مين روڊ، ڪبيرنگر،

احمدآباد.

Hasratoon

(Collection of Gazals)

by : Nanikram Ahuja "Nimano"

Add. : Home No,340 H, Sector AD, Scheme 74,
Indore-452010.
Ph. : 0731-4209966, Mo. : 7828857433
E-mail : nanikindore@gmail.com

Year : 2016 Copies : 500 Price : 120/ Rs.

Type Setting : Ahuja Graphic Service

Printed by : A-Ward Main Road,
Kuber Nagar, Ahmedabad-382340.
M.: 9228852900-7817886780

With Financial Assistance from National Council for Promotion of Sindhi Language (NCPSL) New Delhi.

آهوجا 'نماڻي' جو هيءُ ٻيون شاعري پستڪ پڙهي، پڪ سان چئي سگهندا ته سندس اِهو وڌيلقدم اڳتي اجا به پُختو ۽ پيارو ڪلام مُيسر ڪندو. اُدم، اڀياس ۽ اورچائي ان لاءِ لازمي آهي. سُنو لکڻ لاءِ سُنو پڙهڻ به تمام ضروري مڃيو ويو آهي.

پيار جي پَڪيڙيل ڪئنوس تي نماڻي صاحب جي نظر هرهنڌ ظاهر آهي. ٿورڙا مثال پيش آهن:

(۱) کهڙو روڳ لڳو مون آهي،
ڪوئي وئد مونکي سمجهائي.
(۲) زهر پِي امرت لڳي مونکي اگر،
تون پيئارين پاڻ جي پنهنجي هٿان.

مٿين ٻنهي شعرن ۾ الڳ الڳ وزن ڪم آندو اٿس.

(۳) 'نماڻا' نه ڪر غم اجايو گهڻو،
وڃڻ وارا آخر ته ويندا هليا.
(۴) لوڪ ته ٻوڪ پيو ٻوليندو،
تنهنجي ڪونه پَچار ڪريون.
(۵) ڪاڏي ڪوهه ڪُٺن،
چاهي مڻ هُجن.

(هتي وزن ۾ 'مڻ' تي شَدَ ڏنل آهي.)

(٦) نوان دوست دل سان نيندون ڏين ٿا،
'نماڻو' چوي ٿو مان بيمار آهيان.

مٿيان چار شعر پڙهڻ سان چئي سگهبو ته شاعر رڳو عشق اُلفت ۾ ڇجهيل ڪونهي، ٻين مُدن ڏانهن به ڌيان وڃيس ٿو.

هاڻي ڏسون 'نماڻو' دِل جي ڳالهه ڪيئن ٿو ڪري-

(۷) اجان مَس مون تنهنجو تَصور ڪيو،
ته دَرَ تي ٺڪ ٺڪ جو آواز آيو.
(۸) ملندو ساٿ رهي شل تنهنجو،



ٻ اکر
گوردَڻ شرما ’گهايل‘ (پُٽي)

’شاعري آ ڏاتِ رَبَ جي جنهن کي عطا ڪري.‘ سياڻن اِئين بہ چيو آهي تہ ’جتي نہ پهچي رَوِي (سورج) اُتي پهچي ڪوي.‘ هنديءَ وارن بہ سچ چيو آهي- ’’سوُرُ ششي تُلسي رَوِي اڙگڻ ڪيشوداس، آج ڪي ڪوي کديوت سم، جنهن تنهن ڪَرت پرڪاش.‘ وڏيڪ اُپٽار ڪرڻ اَجائي ٿي لڳيم.

شاعريءَ جو شونق اَجڪلهہ ڪيترن کي ٻِڳِتِڙ ڪان جهلي بيٺو آهي. تمام ٿورڙا اُن شونق مان اُپري اُڳتي اَچي سگهيا آهن.

پيارو دوست شري نانڪرام آهوجا ’نماڻو‘ سچ پچ هڪ وڻندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. مُنهن تي مُرڪ مُدامي اٿس. سنو حال پائي ۽ هڏڏوڪي اِنسان آهي. شاعريءَ جو شونق گهر مانِ ئي ننڍي هوندي ڪان مليل اٿس. هند-سنڌ جي انيڪ شهرن ڪان سواءِ دُبئيءَ جو ديدار بہ ڪيو اَٿس. منهنجو تہ چڱو وقت پيالي پائي ٿي رهيو آهي. ڪچهرينِ ۾ ڪيترا ئي دفعا رنگين بيانيون، حسن ۽ عشق جون شفي-نفي ڪُنڊون پيش ڪندي ٿڪبو ئي نہ آهي. وشواس سان چوندو آهي، ’مرد ڪنهن ڪُراڙو ڪونہ ٿيندو آهي.‘

سندس تخلص ’نماڻو‘، مَنجهس نمايان نماڻائي ظاهر ڪري ٿو. خاطري ڪرڻ لاءِ سندس شعر پڙهي ڏِسجنِ.

مان ان ڪري بہ خوش آهيان جو هڪ سال جي اندر، اِنڊور جي ادبي ماحول ۾ رڱجي ڪيترن کي متاثر ڪيو اٿس. هن صاحب جو پهريون شاعري-مجموعو ’’اُڏما‘‘ پهريون پرياس هئڻ سبب نہ صرف پسند پيو، پر ڪيترن هنڌان اِنعام اڪرام بہ حاصل ڪيائين.

جن پاٺڪن سندس پهريون ڪتاب پڙهيو هوندو، اُهي شري نانڪرام



ڏاريم شبد-شرير

هن فاني دنيا ۾ ڪنهن جي دل لڳي آهي؟

جيڪي سوچ-سمجهه ۽ حساس دل جا مالڪ آهن اُنهن جو اُداس ٿي وڃڻ لازم آهي. حسرتن جي ناڪامي، خوابن جو ٽٽڻ، بي پناهه خواهشون، فنا ۽ وناش جا اٿٽر منظر هڪ چيتناوان بشر جو هٽ جهلي هڪ اونداهي ڪاهي ڏانهن وني ٿا وڃن تڏهن هوُ هڪ اِوناشي اُجالي جي ڳولها ۾ نڪري ٿو پوي! اهڙيءَ حالت ۾ اڪر جو آسرو ۽ شبد جو سهارو هن کي هڪ نئين روشن راهه ڏيکارين ٿا.

مِنٿون، پوڄا، ارچنا ۽ نبٽن جو نير،
اگهيو جڏهن ڪجهه ڪين ڪي، ڏاريم شَبد-شرير.

شبد-شرير ڌارڻ ڪرڻ اُپاسنا-آراڌنا جو مارگ آهي. سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. شبدن جا پيرڙا پري آتم جڳت ڏانهن روانگي هي. اَنيو جا تجلا جهٽي، هستيءَ جا مشاهدا ماڻي اُنهن کي شبد جي سوکيم شرير ۾ سمائي چيتنا جي جوت جاڳائڻ هڪ اونچي آراڌنا ۽ عظيم عبادت جو طريقو آهي. انيوَ جي آڪاش ۾ چمڪندڙ هڪ بجليءَ جي ڪن-ير جي چمڪات کي شبد ۾ لاهڻ ڪو جهڙو-تهڙو ڪم نه آهي!

نانڪ اِهو ڪم ڪرڻ لاءِ هليو آهي. اڪر جو آسرو ۽ شبد جو سهارو ورتو اٿائين! ڪبير جو اعلان آهي ته:

ڪبيرا ڪڙا بزار ۾، لِئي لڪوئي هاٿ،
جو گهر ڦونڪي اَپنا، چلي هماري ساٿ.

هڪ فاني گهر ڇڏي لافاني گهر ڳولهڻو آهي. سپني کي ڇڏي سچ جو گهر وسائڻو آهي. وات ۾ اَنيوَ جا چمڪات ٿيندا. طلسمي تجلا ٿيندا. اهڙن ڪيترن تجلن کي نانڪ جهٽي سگهيو آهي اُهو هن جي ڪويتا، هن جي تخليق، هن جو ڪلام ٻڌائيندو. شاعري تجلن، اُجالن ۽ روشنيءَ جو سفر

عُمرِ جي پوئين پُهر ۾ آهيان.
(٩) پَلَ ۾ درد وڃن ٿا وِسري،
شاخ هوا ۾ جڏهن لُڏي ٿي.
(هن شعر ۾ هڪ گنڀير ڳالهه چيل آهي.)
(١٠) هلي دُور کان دُور ڪيڏو به وينديون،
مگر مونکي دِلِ تان هٽائي نه سگهنديون.
مٿين ٽئن شعر ۾ پيار جو اِظهار سهڻي نموني ڪيل آهي.
(١١) ڏسڻ ۾ اڃي تو جو اِنسان سهڻو،
اَندر جو ته شايد هوُ ڪارو لڳي ٿو.
(١٢) نندي مان وڏو ٿيس ٽُنهنجيءَ مهر سان،
مون جو ڪجهه پئي چاهيو، سي سڀُ تو ڏنا.
مٿين ٻنهي شعرن ۾ نماڻي صاحب پهرين اڄ جي چاپلوس مطلبي ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ٻئين ۾ مالڪ جون مهربانيون مڃيندي سجدي ۾ سِرُ جُهڪايو آهي.
هن زماني ۾ مَکڻ مان وارَ ڪڍڻ وارا ور-ور پيا ملندا، تِن کي مخاطب ٿي شاعر چوي ٿو؛
(١٣) آخر تنهنجي مَنَ ۾ ڇا هي،
جو نه سچو اِظهار ڪرين ٿو؟
قدرت جي نيمن جو حوالو ڏيندي 'نماڻو' آکي ٿو:
ضروري نه آهي هُجي سوچ ساڳي،
نه ڪو نيم آهي قدرت جو اهڙو.
مان گهڻو ڪجهه وڏيڪ ٽئي پيارن پاڪن ۽ شاعر جي وچ ۾ وِٿي وِجهڻ نٿو چاهيان. پاڪ پاڻ پڙهي پنهنجو رايو ناهين. آخر ۾ بس اِئين چوندس ته ته سِکڻ لاءِ ڪا حد يا ڪا عمر نه ٿيندي آهي. جان جيئين تان سکو. مبارڪن ۽ شُڀ ڪامنائن سان:- **گوردن شرما 'گهايل'**
٢٢ جون ٢٠١٥ع
فائونڊر پريزيڊنٽ سنڌي ادبي سڀا پُٽي

شاعر جي قلم مان



جهڙيءَ طرح ڪئنسر بيماريءَ جو ڪو علاج ناهي اهڙيءَ طرح شاعري جو مرض به تاعمر رهندو آهي. جيئن عمر وڌي تيئن هي مرض به وڌندو آهي. فرق صرف اِهو آهي ته ڪئنسر ۾ ماڻهو آخر مري ٿو پر شاعر نه صرف دل سان جيئي ٿو پر زندگيءَ جو مزو ماڻي روح کي راحت بخشي ٿو.

چوندا آهن ته سنگ جو رنگ لڳندو آهي. مون سان به اهڙو ئي ٿيو آهي. اندور جا ٽي مڃيل شاعر شري گوپ گولاڻي، پيتامبر جهوڏاڻي ۽ شريمتي ناديا مسند منهنجي گهر پرسان ساڳي ڪالونيءَ ۾ رهندا آهن. اسين چار ئي هر مهني ملي ادبي ڪچهري ڪندا آهيون ۽ نوان شعر پڙهي تنقيد ڪندا آهيون.

ان ادبي سنگت جو مونکي اهڙو رنگ لڳو ۽ اثر ٿيو جو نتيجن هي شاعريءَ جو ڪتاب توهان جي هٿ ۾ آهي. مان انهن ادبي دوستن جو ٿورائتو آهيان. منهنجو پهريون شاعريءَ جو ڪتاب ”اُدما“ ٢٠١٢ ۾ ڇپيو هو جنهن لاءِ منهنجي مُعزز شاعرن ۽ دوستن چڱي همت افزائي ڪري همٿايو. روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪجهه شفي شونق ۽ عادتن جي هوندي مونکي شعر لکڻ جو وقت مشڪل سان ملندو هو. پر مٿي ڄاڻايل ادبي ماحول ۾ اچڻ ڪري ۽ دوستن جي همت افزائي ڪري وقت ڪڍي هي شاعريءَ جو ڪتاب ”حسرتون“ لکيو آهي جو پيش ڪندي مونکي بيحد خوشي ٿي ٿئي. اُميد ته پاڻکن کي منهنجي هيءَ نماڻي سوکڙي پسند پوندي ۽ پڙهڻ کان پوءِ پنهنجو رايو ضرور موڪليندا ته جيئن مان صحيح نموني اڳتي وڌي سگهان.

مان شڪرگذار آهيان اين. سي. پي. ايس. ايل. دهليءَ جو جن هن ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي اِمداد منظور ڪئي آهي ۽ آخر ۾ مان شڪرگذار آهيان آهوجا گرافڪ سروس وارن آهوجا پائرن جو جن هيءُ ڪتاب ٿوري ئي وقت ۾ گهڻيءَ محنت سان شاندار نموني تيار ڪري ڇپائي ڏنو آهي.

قربن مان ؛

نانڪ آهوجا ”نماڻو“

اِندور.

آهي. هلو تہ ڪي ڪن-پل هن سان گڏ گهاريون!

هيٺ سندس انهن جي تجلن جون ڪي سٽون ڪوٽ ڪرڻ چاهيندس. هن جي انهن جا اُجالاءِ تلاش جا تجلا شل پاٺڪ جي راھہ روشن ڪن! شاعريءَ جو بنيادي مقصد بہ اِهو ئي آهي:

ڪهڙو روڳ لڳو مون آهي
وئد ڪوئي مونکي سمجهائي،
دنيا ۾ رهندي دنيا ۾،
ڪونہ ٿو مونکي ڪجھ پيي پائي.

لڳي چڻنگ جن کي اچي سيڪ تن کي،
بره جي هٽي باھہ ويندا رهيا!

تنهنجو منهنجو سات صدين جو،
توکي مان پر ڪيئن وساريان!

آءُ سچڻ اقرار ڪريون،
دل جو هلڪو بار ڪريون.

هر هنڌ تنهنجو جس ڏسان ٿو،
تنهنجو ئي مان عاشق آهيان.

-لڪشمڻ

(١)

١. کهڙو روڳ لڳو مون آهي،
وئد ڪوئي مونکي سمجهائي.

٢. ڏُنيا ۾ رهندي ڏُنيا ۾،
ڪونہ ٿو مونکي ڪجھہ ڀي ڀائي
.

٣. ڪنهن سان دل جا سوُر سليان،
ڪوئي تہ هجي جو دل بهلائي.

٤. ڏاريا تہ دوکو ڏيندا آهن،
پنهنجا پڻ ويا دل رَنجائي
.

٥. جن جن سان مون جتن ڪيا ها،
ويا سي منهنجو روح رُلائي.

٦. سنگرو ٿيندو راکو سپ جو،
ڪير نہ ڀيو بگڙي بدلائي.

٧. همت رکي وشواس ڪري ڏس،
وات ٿو ’نماڻو‘ توکي ٻُڌائي.

My Secret to look young

By : Nanik Ahuja

I am a fatalist and beleive in my fate. I am not influenced by rich nor hate poors. Humanity is my religion. Happiness has its own orbit. A poor can be happy where as a millionare sad. I live in present. Do not - repent on past nor worry for tomorrow. but-when tomorrow becomes today I do care because I live in present. I plan my day in such a way so that my next moment be more pleasant, enjoyable than the previous. I live in young company to feel young and enjoy laughing and joking. I Maintain pleasant and humorous look.

Man lives some counted days, but my poetry will remain always alive and fresh. I have given some photos of my daily routine life. May this encourage my next generations to know how thier grand Father lived at the age of 82 and after.

(٣)

١. اسان سات سڀ کي ڏيندا رهياسين،
ڪڏي وير سڀ سان ملندا رهياسين.

٢. نہ هو زندگيءَ جو سفر ڪو سٺائو،
وٺي وات هڪڙي رمندا رهياسين.

٣. رستن تي آيا جيڪي ڀي روڙا،
اسان سڀ ڪري پار پوندا رهياسين.

٤. ڪڏهن ڀي نہ ڪنهن جو ونگو وار ٿئي،
رکي سوچ اهڙي، وڌندا رهياسين.

٥. ’نماڻو‘ چوي نہ دُشمن آ ڪوئي،
ڪري قرب سڀ سان ملندا رهياسين.

(٢)

١. زندگي آهي اُداسيءَ جي گهٽا،
ساٿ ڏي تون چنڊ بڻجي دلرُبا.

٢. ڪونہ آ منهنجو سڄڻ توکان سواءِ،
ڇوُ مني مان ڇا ڪريان ڪاڏي وڃان.

٣. زهر پي امرت لڳي مونکي اگر،
تون پيارين پاڻ ئي پنهنجي هٿان.

٤. آ قتيل رحمن سندو سارو بدن،
ڏي اچي ڪجهہ قرب جي ڪائي دوا.

٥. دل هينئر مايوس منهنجي ٿي رهي،
ڏي اچي تون ساٿ منهنجي محبوبا.

٦. پنهنجن پي پاسو ڪيو هڪ ڪري،
داستان ڏُکن جي ڪنهن کي چوان.

٧. مهر مالڪ کان ’نماڻو‘ تو گُهري،
تا عمر آسيس تُنهنجيِ ۾ رهان.

(٥)

١. وڃي مونکان موکل هوُ ويندا رهيا،
مگر دل ۾ واپس سي ايندا رهيا.

٢. ڏئي ها پلو جو اچن کون ها،
جدائي ۾ پل پل چليندا رهيا.

٣. نہ هئي کا خبر مون سندس چال جي،
کري پنهنجو رڻ ۾ ڇڏيندا رهيا.

٤. پراون کي پنهنجو کري جي وڃن،
ڏسڻ وارا هٿن کي مليندا رهيا.

٥. لڳي چٽنگہ جن کي اچي سيک تن کي،
برهہ جي هٽي باهہ ويندا رهيا.

٦. عجب آهي رشتو دلين جو مگر،
کي رستو رُليا ڪي ترندا رهيا.

٧. کي مهمان اهڙا سدائي وڻن،
وچڻ سان بہ دل کي ڳنڍيندا رهيا.

٨. 'نماڻا' نہ کر غم اجايو گهڻو،
وچڻ وارا آخر تہ ويندا رهيا.

(۴)

۱. نئون گيت سائي اچو ڳڏجي ڳايون،
ڪري تيز قدمن کي منزل کي پايون.

۲. سڀ جو سهارو وني هن دُنيا ۾،
ڏري ڏيان مالڪ جو وڪ کي وڌايون.

۳. رستن تي روڙا گهٽائي پيا ايندا،
رکي سوچ گهري اُنهن کي هٽايون.

۴. ڇڏي ڀيد پنهنجا ڪٿو ٿي سڀن سان،
اچو هڪ دفعو الڪ کي ڀڄايون.

۵. نہ تنهنجو نہ منهنجو ڪنهن جو چوائي،
ڪريون سڀ جي شيوا ۽ پڻ چڱايون.

٦. من ۾ مرادون رکي دل سچيءَ سان،
سُرن کي ملائي هڪ گيت ڳايون.

۷. سڏائي سڀن کي ڪو ميڙو مچائي،
عزم هي 'نمائي' جو محفل ۾ ڳايون.

(٧)

١. وفا جو تہ دم تون هردم هڻين ٿو،
مگر ڪونہ دل کي تون کولي ڏسين ٿو.

٢. ناتا تہ جوڙڻ سين کي اچن ٿا،
نڀائڻ جي ڪوشش نہ تون پو ڪرين ٿو.

٣. ڏکيو آهہ پنڌ پرينءَ سان ملڻ جو،
ڀلي ڪيترا ڀي تون حيلا هلين ٿو.

٤. ويا ڪيترا پر واپس نہ موٽيا،
هي رستو اڙانگو اجايو وڃين ٿو.

٥. نہ ڪو ساٿ ملندءِ نہ ڪو دکہ ونڊيندءِ،
خبر ناهي ڪهڙي تون منزل وڃين ٿو.

٦. جيئري نہ جاني جدا ٿي ڪڏهن ڀي،
خدا جو قسم تون ڏاڍو وڻين ٿو.

٧. ڪو اڳ ۾ مري ٿو ڪو مري بعد ۾ ٿو،
'نماڻي' جي دل کي ڇو ماندو ڪرين ٿو.

(٦)

١. گيت ٻہ ڳايان ساز وڄايان،
سهٽي توکي خوب نچايان.

٢. هار ګلن جو ناهي،
ديوي سمجهي توکي پايان.

٣. من جي مستي پيار جي ٻولي،
تو بن مان ٻي کنهن سان ڳايان.

٤. تنهنجو منهنجو ساٿ صدين جو،
توکي مان ڪئين وساريان.

٥. مُرڪي مون ڏي جڏهن نهارين،
خار ٻہ مان ګل وانگر پانيان.

٦. جيئڻ جيئڻ جو پنهنجو ڍنگ آهہ،
توسان گڏ چڙ سُرڳہ ۾ آهيان.

٧. جڏهن ٻہ توکي ڪونہ ڏسان ٿو،
مايوسي ۾ تو ڏينهن گذاريان.

٨. تنهنجي پيار ۾ گذري جيون،
بس مالڪ کي پيو ليلايان.

(٩)

١. ڪو تہ هجي جو پنهنجو سمجهان،
توکي چپ چپ ڪنهن جو سمجهان.

٢. ڪئي ڪونہ مون ڪنهن سان منڌائي،
خود کي مگرچو گنهگار سمجهان.

٣. سدا سڀ جو فڪر ڪريان ٿو،
پر پنهنجو دکہ پاڻ ٿو پوڳيان.

۴. سڀ ڪنهن کي آ پنهنجي پنهنجي،
ڪنهن سان دل جو حال مان اوريان.

۵. جنهن تي ياڙيو تنهن نہ نڀايو،
سوُر اندر جا' ڪنهن سان سارِيان.

٦. تون جو مشڪي مون ڏي نهارين،
سَوَ سُکہ هڪ لحظي ۾ ماڻيان.

٧. ماڻُ 'نماڻي' جو اڄہ رکہ تون منڙي،
ويجهو اچ جيئَنُ پنهنجو سمجهان.

(٨)

١. ڪجو معاف يارو مان لاچار آهيان،
چوان سچ تڏهن ٿيو گنهگار آهيان.

٢. گهٽائي ڪيا قرب هرڪنهن سان آهن،
تڏهن ٻي چون مان ذميوار آهيان.

٣. چون ٿا تہ سچ جو سهارو سٺو آ،
سئين وات ونندي ڇو بيزار آهيان.

٤. وچان وات ڪيڙي ڪيان ڳالهہ ڪنهن سان،
مان پنهنجي ئي پاڇي کان بيزار آهيان.

٥. سليان راز ڪنهن کي مان پنهنجي اندر جو،
ٿيو عشق ۾ مان خطاوار آهيان.

٦. سٺا ٿم درد جا مون ڏُکڙا گهٽائي،
ڏنا جن مان تن سان وفادار آهيان.

٧. نوان دوست دل سان نينڊون ڏين ٿا،
’نماڻو‘ چوي ٿو مان ناچاڪ آهيان.

(١١)

١. حال مان دل جو ڪنهن کي ٻُڌايان،
ڪو تہ هجي مان جنهن کي سُڻايان.

٢. اچا تہ منهنجو روح رُلي ٿو،
ڪنهن جا ويهي پور پچايان.

٣. هڪ ڏينهن سڀ کي آهي وڃڻو،
صبر ڪري پوءِ ڇو نہ گُذاريان.

٤. هيءُ سنسار آهي ڪوڙ جي مايا،
اُتي اَسُر جو رام ريجهايان.

٥. تنهنجو منهنجو ڇا ڇا ڪنهنجو،
دوکا ڪري ڇو پاڻ لڄايان.

٦. هلڻو هڪ ڏينهن سڀ کي آهي،
روز پيو خود کي سمجهايان.

١. ڪو تہ اِشارو مون ڏي ڪر تون،
ڪيسين وينو پور پچايان.

٢. عمروئي اوسيڙي ۾ گذري،
مرندي ساٿ تہ تنهنجو پايان.

٣. وقت ڪڏهن ڀي رُڪو ناهي،
منڙي توکي ڪيئن سمجهايان.

٤. پنهنجي غم ۾ غرق رهان ٿو،
ڪاش! توکي غم خار بڻايان.

٥. پيار نہ آ جن جي جيون ۾،
تن جو جيئڻ اجايو ڀانيان.

٦. سهڻا چهرا ڪوڙ ڏسان ٿو،
تو جهڙو ڪنهن کي نہ سُڃاڻان.

١. ڪٽي نيڻ پنهنجا نهاري هليو ويو،
پياري اکين سان سمهاري هليو ويو.

٢. گذاريل هيون ڪَي گهڙيون هنن سان،
ڏئي ياد تن جي رُئاري هليو ويو.

٣. ويو وقت گذري نہ هئي تات تن ۾،
لڳائي چٽنگہ باھہ ٻاري هليو ويو.

٤. ڪيان حال ڪنهن سان ڏيان ڏوھہ ڪنهن ڪي،
جيئري ئي مون کي جلائي هليو ويو.

٥. ڏسان ها نہ هن کي نہ هي حال ٿئي ها،
'نماڻي' کي ناحق رُلائي هليو ويو.

١. چؤ ويڳاڻا ٿين،
جي اُدم هردم ڪن.

٢. وقت نه رُڪڻو آهه،
سمجهو ڪي سمجهن.

٣. جي غفلت ۾ غلطان،
سي ڪيئن پار پون.

٤. ويٺي ڪوهه ڪٽن،
چاهي مڻ ڀڃن.

٥. جي سڌ ۾ سڌ ڏين،
سي سڀ ڪي تا وڻن.

١. اڄا زندگي ۾ هلان ڪيستائين،
ٽڪي جو ٽڪو آن ڏُڪان ڪيستائين.

٢. جيئڻ ۽ مرڻ آهه مالڪ جي هٿ ۾،
قيامت جو اِنتظار ڪريان ڪيستائين.

٣. ڇيائين تہ ملندس گهڙي آخري ۾،
نہ آئي اڄا پي ڏسان ڪيستائين.

٤. ماڻيم گهڻو محفل ۾ مئہ جو مزو،
ساقيءَ سواءِ پر پيئان ڪيستائين.

٥. رهي ڪونہ آهي ڪا لرزش لڱن ۾،
اڄا من جي مستي رکان ڪيستائين.

٦. هئي وٽ وسامڻ تي ٻرندڙ ڏئي جي،
آنڌيءَ کان اُن کي بچايان ڪيستائين.

٧. تمنا نہ ڪائي نہ ڪو فڪر باقي،
’نماڻي‘ جي جيوت اڄا ڪيستائين.

(۱۴)

۱. مون کيو پڙدو تہ لوڪن ڪان لڪان،
هن ڪيو پڌرو سموري جڳہ اڳيان.

۲. ڪي ڳجهيون ڳالهيون صرف دل ۾ هجن،
هوءَ نٿو سمجهي تہ آخر ڇا ڪريان.

۳. پيار هر ڪنهن سان ڪريان مُرڪي ملي،
درد دل جو ڪونہ ٿو سڀ سان سليان.

۴. ناز ۽ انداز هن جو آهہ الڳہ،
هن قلم سان ڇا لکي مان ڇا لڪان.

۵. منڙي سُرَ ۾ هو غزل ڳائي پيو،
دل چوي شل مان سدا ٻُڌندو رهان.

۶. ڪِن 'نماڻي' جو قدر آخر ڪيو،
شل مٿي محفل رهي ۽ مان نچان.

(١٧)

١. ڪنهن کي ڪنهن کي مان پنهنجو سمجهان،
هر ڪنهن کان ٿو دوکو کاوان.

٢. هوءَ ڪري وئي پاسو مون کان،
ڪنهن سان ويهي روح ريجهايان.

٣. دکه ۽ درد ته ايندا رهندا،
مشڪل ۾ بس پاڻ سنڀاريان.

٤. پوڄا پاٺ ڪري مندرن ۾،
ڪڏهن متان ڀڳوان کي پايان.

٥. درد ونڊي هر ڪنهن ماڻهو سان،
جيون ڪشتي پار لڳايان.

٦. جنهن جنهن چاتو تنهن ئي پاتو،
جهاتي پائي پاڻ سڃاڻان.

١. اڻ ڄاڻ سان پيچ پئجي ويو،
خبر ڪانہ پيئي سڀ نهڪي ويو.

٢. نگاهون ملي تہ هڪ ٿي ويون،
مگر هوش منهنجو ڪسڪي ويو.

٣. نہ پنهنجو پتو هو نہ هن جو پتو،
گسڪڻ تان اِئين پير گسڪي ويو.

٤. سنڀاليم گهڻو پاڻ پُختو ڪري،
ڏسي هن جي صورت مَن سرڪي ويو.

٥. سڏي پاڻ ڏي هُن جيئن ڪجهہ چيو،
خدا جو قسم هوش اُڏري ويو.

(١٩)

١. خوشيءَ جا گيت ڳايون ٿا،
مڃايون ٿول ڪائون ٿا.

٢. سڏي پنهنجن پيارن کي،
خوشيون پڻ مڃايون ٿا.

٣. رکي ڪانه من ۾ ڪائي منڌائي،
نه ڪنهن سان ڀي ٿڦايون ٿا.

٤. محنت سان جو ڪمايون ٿا،
ويهي گڏجي سو کائون ٿا.

٥. اندر جو حال سڀ اوري،
هيانءُ هلڪو ڪرايون ٿا.

(١٨)

١. اسان وات تنهنجي نهاري ڇڏي،
اِئين رات ساري گذاري ڇڏي.

٢. ڳڻي اُڀ جا تارا ٽڪس رات ۾،
اکين جل جي ڌارا به هاري ڇڏي.

٣. نه آ هاڻ غم ڪو توسان ملڻ جو،
سا گذريل ڪهاڻي وساري ڇڏي.

٤. وفا جو نه هاڻي رهيو ڪو ڀروسو،
ملڻ جي هئي آس - ساري ڇڏي.

٥. بچي ڇا آ باقي جيوت اڃا،
’نماڻي‘ ياد هن جي وساري ڇڏي.

(٢١)

١. آءٌ سچڻ اقرار ڪريون،
دل جو هلڪو بار ڪريون.

٢. پيد پلائي دل مان هيڪر،
ڇو ويئا تڪرار ڪريون.

٣. تون به اڪيلي مان به اڪيلو،
اڄ ته مني ڪجهه پيار ڪريون.

٤. لوڪ ته ٻوڪ ٻيو ٻوليندو،
تنهن جي ڪونه پچار ڪريون.

٥. ڇا ڇا توسان مونسان گذريو،
اڄ ته ملي ويچار ڪريون.

٦. تنهنجو منهنجو نيڪ آ ناتو،
اهڙو ئي وهنوار ڪريون.

١. عشق جو مزو ماڻي تہ ڏس تون،
حسن جو جلوو چاڻي تہ ڏس تون.

٢. ڪيسنائين پيو اڪيلو گهاريندين،
محفل جو مزو تہ سجائي ڏس تون.

٣. بنا ساقي مئہ جو مزو ڪهڙو،
ڪنهن کي گڏ گهرائي تہ ڏس تون.

٤. مالڪ بہ ڪنهن جي ٻڌي ٿو تڏهن،
ڪيس دل سان پڪاري تہ ڏس تون.

٥. سنگہ جو رنگہ آخر تہ لهي ئي ٿو،
سنسنگہ ۾ وقت گذاري تہ ڏس تون.

١. کھڙو تو لاءِ راڳ مان ڳايان،
کھڙو تو لاءِ ساز وڄايان.

٢. مان مؤلائي مست قلندر،
سڏي سيڻ کي ساڻ نچايان.

٣. تون ئي سڀ جو ڄاڻڻھار،
توکان کھڙو راز لڪايان.

٤. جن جن تنھنجي شرڻ ورتي آھ،
تن کي مان وڏ ڀاڳي ڀانيان.

٥. ملندو ساٿ رھي شل تنھنجو،
عمر جي پوئين پھر ۾ آھيان.

١. پاڻ پچائي پاڻ کي ڪر تون ڪباب،
سيِن جي شيوا ڪري ڪٽ تون ثواب.

٢. ڏسي محل ٻين جا گهر نہ پنهنجو ڊاهہ،
ريس ڪري ٻين سان تي نہ تون خراب.

٣. تو لڳائي سال ٻُوٽو وڻ تيڻ ۾،
هڪدم حاصل سڀ ٿئي رکہ نہ تون خيال.

٤. درد وندي ڏُکين جو ٻُکين جي لهہ سار،
ڇا مان ٻو ڇا ٿئي ڏسندين تون ڪمال.

٥. گولن جي گولن جو تن جو ٿيءُ غلام،
سنگر جي سنگہ ۾ ٿي ويندي تون نهال.

١. جتي ب آهيان توسان آهيان،
تو بن سهڻا ڪجهہ يي ناهيان.

٢. ڏٺي توکي ڏينهن گهڻا ٿيا،
تو بن رهندو ماندو آهيان.

٣. اچ تہ ملي ڪا راند رچايون،
دل جو توکي حال ٻُڌايان.

٤. هرهنڌ تنهنجو حُسن ڏسان ٿو،
تنهنجو ئي مان عاشق آهيان.

٥. تون ئي منهنجي جندڙ جياپو،
توسان کهڙو سينو ساهيان.

(۲۴)

۱. سائين سچي دل سان توکي ياد ڪيون ٿا،
تنهنجي ئي ڪرم سان اسان آباد رهون ٿا.

۲. اڄ ڪلهه زماني ۾ پنهنجا به ٿا پاسو ڪن،
سڀ ڪنهن سان فرض سمجهي پيار ڪيون ٿا.

۳. دين دکين جي شيوا آ سڀ کان وڏو ڌرم،
ڪوئي نه رکي ڀيد سڀ کي يار سمجهون ٿا.

۴. ڪوڙ ڪپٽ جي ڪهاڻي آهي اکين جي ڌوڙ،
سچائيءَ جي سؤدي سان واپار ڪيون ٿا.

۵. سئين وات هلڻ جي سدا چاهه رکون ٿا،
تنهنجي ئي در تي توکي سلام ڪيون ٿا.

١. اڄ گيت منهنجا ڪنهن ڳايا هن،
جي موسم بادل ڇايا هن.

٢. هڇڪيءَ مٿان هڇڪي ٿي اچي،
محبوب منا ڪي آيا هن.

٣. ڪويل ٿي ڪوُ ڪوُ خوب ڪري،
مور به پنکه ڦهلايا هن.

٤. بوندن ۾ ٿو بدن پچي،
مستيءَ ۾ ڪپڙا آلا هن.

٥. لهر لهر ڪناري سان ملي،
قدرت يي رنگ رچايا هن.

٦. هر چهرو خوش ٿي ڪلي ٿو،
ٿيا سڀ جا لايا سجايا هن.

١. هڪ دم اهڙو جو دم نڪري،
بيو دم اهڙو جو دم ٿو ڏي.

٢. عنايت اهڙي ڪا مالڪ ڪر،
تنهنجو ديدار هر دم ۾ ٿي.

٣. نہ افسوس رهي زندگي ۾ ڪو،
پنهنجن جو هردم قرب ملي.

٤. ارمان نہ ڪڏهن پورا ٿين،
هر خواهش من ۾ اُمنگہ پري.

٥. زندگي ۾ اڃا ڪجهہ باقي آ،
محبوب ملي پوء انت اچي.

(٢٩)

١. زندگي اڄ تو تي اعتبار نہ رهيو،
ناز هو جنهن تي سو پيار نہ رهيو.

٢. پنهنجو سمجهي جنهن کي امانت ڏني،
سو دوست ڪڏهن وفادار نہ رهيو.

٣. سفر زندگيءَ جو ڪيئن اڪيلو ڪٽبو،
مگر افسوس ڪوئي دلدار نہ رهيو.

٤. هميشه گڏ رهڻ جو هن ڪيو واعدو،
آخرين وقت هلڻ لاءِ تيار نہ رهيو.

٥. جنازو جڏهن منهنجو گهر مان نڪتو،
هوُ ڪنڌو ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

(٢٨)

١. تنهنجي نظر ۾ جو بگڙيل آ،
مونکي لڳي ٿو سو سڌريل آ.

٢. سوچ سمجھ جي پنهنجي آ،
پنهنجو پاڻ ۾ سمجھيل آ.

٣. تون چوين ٿو اڃ خالي آ،
مان چوان ٿو اڌ ڀريل آ.

۴. آشا جو هڪ ڪرڻ ڪوڙ آ،
ستارو اُميد جو چمڪيل آ.

۵. زندگي تہ جيئڻ جو طريقو آ،
رستو تہ سچو بڪريل آ.

١. پنهنجن پراون ۾ نہ فرق آ،
بيڙو هرڪنهن جو ٿيو غرق آ.

٢. گذريل سمو ڇا تہ خوشگوار هو،
حياتي تہ هاڻي بڻي نرڪ آ.

٣. رشتن ڪي الائي ڇا ٿي ويو،
ڪنهن ڪي نہ ڪنهن جو ڪو درد آ.

٤. سُکيءَ ويل هرڪو مددگار هو،
هرڪو هاڻ مطلبي سرسُ آ.

٥. مندن ۾ هاڻي ڦيرو اچي ويو،
بئيماني جو هاڻي لڳو مرض آ.

١. توسان کو تکرار نہ آهي،
پر دل ۾ ڪوئي پيار تہ آهي.

٢. سامهون گهر ۾ سدا رهين ٿي،
ڪڏهن ٿيو ديدار نہ آهي.

٣. زندگي تہ اِئين کٽجي ويندي،
جو تنهنجو مون سان ميلاپ نہ آهي.

٤. جو نہ ملي کو مزو ماڻجي،
ايندو روز بهار نہ آهي.

٥. مونکي غلط ڪڏهن نہ سمجهہ،
اڃا ڪيو کو اقرار نہ آهي.

٦. دل جو درد ڇا ٿيندو آهي،
سڀ جو ساڳيو ويچار نہ آهي.

١. ڇا ماڻيٽو هو مهراڻ،
سچ جو سونو پاڻي پهراڻ.

٢. هير تڏيري منڙي پياري،
سُواسن ۾ هو آيو پاڻ.

٣. ٻگهه پر کولي ٻولي ٻولي،
اُڏري ويا پاسي اڻچاڻ.

٤. سمنڊ ڪناري وينل ماڻهو،
هڪ ٻئي سان پيا ڪن پهچاڻ.

٥. ٻار ملي پيا راند رچائن،
رشتن جي هئي گهڻي گهراڻ.

١. بادل رم جهم جيئن وسن ٿا،
سڪل کيت پاڻيءَ ۾ پُسن ٿا.

٢. مور ٽِي هاري ٻه نچن ٿا،
سڀ قدرت جو جوڙ ڏسن ٿا.

٣. وڻ جون شاخون خوب لڏن ٿيون،
ٻار ملي پڻ مستي ڪن ٿا.

٤. رُلڻ جو هو پرچڻ مُشڪل،
هاڻ ته ياڪر پائي ملن ٿا.

٥. مراد تن جي پوري ٿئي ٿي،
جي من پنهنجو صاف رکن ٿا.

١. ملڻ تي نہ ها جي اهڙو اسان جو،
نڪو هي جڙي ها رشتو اسان جو.

٢. رشتا نهن تا سُرڳ ۾ اسان جا،
ڪيون ڇو اجايو فڪر پوءِ ڪنهنجو.

٣. ضروري نہ آهي هجي سوچ ساڳي،
نہ ڪو نيم آهي قدرت جو اهڙو.

٤. هرڪو جيئي ٿو ڳٽيل ڏينهن پورا،
وڙهون پاڻ ۾ ڇا لئہ پوءِ اجايو.

٥. هٿ ۾ نہ آهي ڪجهہ ٻي اسان جي،
ٿئي پوءِ ’نماڻي‘ کي افسوس ڇا جو.

١. اڃا مس مان تنهنجو تصور ڪيو،
در تي نڪ نڪ جو آوار ٿيو.

٢. جڏهن پهچي در مون کولي ڏٺو،
هڪ خط ٽپالي هٿن ۾ ڇڏيو.

٣. پڙهيم پيار مان هرهڪ اکر،
هر هر پڙهي پوءِ اعتبار ٿيو.

٤. منا ڇا ٻُڌايان مان خوشيءَ ۾ نچيو،
جو تنهنجي اچڻ جو احوال هئو.

٥. ڪي رشتا بہ اهڙا آهن دنيا ۾،
بڻائي دوستي ڪي امر جن ڪيو.

١. مونکي وطن جي وري ياد آئي،
سنڌڙيءَ جي ڳالھہ نہ وسري تي کائي.

٢. گذريو سمو ھو جو گذري ويو،
اکين مان نہ وسري او منھنجا ڀائي.

٣. ھيو پيار ۽ سڪ تہ کيڏو انھن ۾،
ھئي زندگي ۾ فقط ھڪ سچائي.

٤. گڏيل گھر ھئا جڻ ھڪڙو ڪٽنب ھو،
ھڪ ئي ڳوٺ ۾ جڻ دنيا سمائي.

٥. سبز باغ سنڌ جو اُجڙ تي ويو،
چمن ۾ سرد واءُ ڪٿان ھيءَ آئي.

١. جڏهن ڳوٺ پنهنجي ۾ منهنجو وڃڻ ٿيو،
ڏسي توکي منهنجو گم هوش ٿي ٿيو.

٢. ساڙهيءَ سان ويڙهيل ڇا تنهنجو بدن هو،
ڪڏهن ڪونه مون اهڙو چمڪو ڏٺو هو.

٣. ملي توسان ڪجهه ڪي ڳالهيون ڪيان مان،
گهڻي سوچ بعد مون فيصلو ڪيو هو.

٤. متان ڪو ڏسي يا پوي خبر ڪنهن کي،
مون توکي اچڻ جو اِشارو ڪيو هو.

٥. ادائن سان تو ڪيئن ناڪار ڪئي ٿي،
لڳو مونکي اقرار هي اِنڪار تنهنجو.

٦. ڇڏي ڳوٺ واپس آيس جڏهن مان،
تصور ۾ هر هر ٿيو ديدار تنهنجو.

١. بخشڻ وارا بخش مون ۾ عئب هزار،
ڪر منڌايون معاف مان پاپي گنهگار.

٢. سنگ چڙڏي ساڻن جو مون ڪمايو ڪچ،
تون ئي منهنجو آسرو تون ئي مددگار.

٣. عمر سڄي پنڪي نه پاتم سچو سُڪ،
آخر آيم تو در تون ئي پالنهار.

٤. ڇا گذري ۽ ڇا باقي وئرت وڃايم وقت،
نه ڪيم ڪو قدم وڃهه وڃايا بيشمار.

٥. عمر جي هن موڙ تي ڏجاڻ ۽ سمجهه سچي،
ڪم ڪيان ڪجهه اهڙو ياد ڪري سنسار.

١. جي چاهين ساڌو تيان سنگت ڪر سُني،
هرڪنهن سان ملي ڪر نوڙت جُهڪي.

٢. بدلي جي پاونا ڪڏهن نہ ڪنهن سان رکہ،
نيزاري ۽ نوڙت سان ٻولي رکہ مني.

٣. سو وڻ جُهڪي گهڻو جنهن ۾ انب گهڻا،
پئسي جو بانور ڪري نہ سڏائيج مُڪي.

٤. مان مان ڪڍي من مان ڪر پاڻ کي صاف،
ڏکين جي شيوا ڪري رکہ هرڪنهن کي سُکي.

٥. ڪڏهن ڪو سوالي نہ وڃي ڪڏهن خالي،
تيندء وار نہ ونگو نہ تيني تون ڏکي.

(۴۱)

۱. پنهنجن ۾ هاڻي پيار نہ آهي،
دلين ۾ اُهو نياءُ نہ آهي.

۲. هڪ هڪ ٿي ويا ناتو ٽوڙي،
ڪنهن جي لاءِ ڪو چاهہ نہ آهي.

۳. وقت پيو سڀ گذري ويندو،
چاهي ڪنهن سان اقرار نہ آهي.

۴. ملڻ جلڻ پيو ٿيو آ مشڪل،
چاهي ڪنهن سان ٽڪراءُ نہ آهي.

۵. پٽ پٽني جي آگيا ۾ رهي ٿو،
ماءُ پيءُ جو خيال نہ آهي.

۶. ڪنهن تي ڪهڙو ڏوهہ ڏجي،
وقت وقت جو بدلاءُ آهي.

۷. ڪو ڪنهن جي لاءِ ڪيئن مري،
اهڙو ڪو لڳاوَ نہ آهي.

۱. ڪڏهن ڪونه مون هن کي پنهنجو ڀانيو،
تڏهن ٻي هُو مون وٽ هر هر ٿي آيو.

۲. اڪيلو هو رهندو ڪٿي آس پاس
هڪ ڏينهن اچانڪ گهڙي گهر ۾ آيو.

۳. ڏسڻ ۾ ڏکايل لڳو ٿي پيو،
مگر ڪُرسي سوري ويهڻ لاءِ منايو.

۴. چوڻ هن جو چاهيو نه چئي ڪجهه سگهيو،
مگر دل دکي سان هن مون ڏي نهاريو.

۵. اکين ۾ آڻي ڳوڙها هن مشڪل سان ٻُڌايو،
وسارڻ لاءِ لکيو آ هن جنهن کي ٿي چاهيو.

١. جي مونسان تڪرار ڪرين ٿو،
چو مونکي بيزار ڪرين ٿو.

٢. ڪهڙو ڏوهہ ڪيو مون توسان،
چو اهڙو وهنوار ڪرين ٿو.

٣. دکہ ۾ توکي ساٿ ڏنو مون،
چو مون لئہ آزار بڻين ٿو.

٤. پنهنجو سمجهي پيار ڪيو مون،
چو مونکي تون بدنام ڪرين ٿو.

٥. آخر تنهنجي من ۾ ڇا آهي،
چو نہ سچو احوال ڪرين ٿو.

(٤٢)

١. انتظار اچا ڪجي ڪيسنائين،
اُميدن تي اچا رهجي ڪيسناين.

٢. خبر آهه نہ ايندو واپس وري،
مگر دل کي دلبو ڏجي ڪيسنائين.

٣. فرق کهڙو پوي ٿو ملڻ نہ ملڻ جو،
دل کي دوکي ۾ رکجي ڪيسنائين.

٤. واجب نہ آ ڏوهہ ڪنهن تي ڏيڻ،
بي وفا آهہ هوُ چئجي ڪيسنائين.

٥. پيئڻ جو نشو نہ رهي عمر پر،
دلرُبا جو وڇوڙو سهي ڪيسنائين.

(۴۵)

۱. جي تون مونکي پيار ڪرين ٿو،
پوءِ بہ ڇو اِنڪار ڪرين ٿو؟

۲. عاشق تنهنجو ساڳيو آهيان،
پوءِ بہ ڇو نہ دلدار مڃين ٿو.

۳. ڪجهہ تہ وڇوڙو پئجي ويو هو،
مونکي ساڳيو يار لڳين ٿو.

۴. تنهنجو منهنجو سات جنم ڪان،
پوءِ ڇو ٻي وات ونئين ٿو.

۵. جيوت جي هن آخري پهر ۾،
ڇو موڙي مونکان منهن وڃين ٿو.

١. سهڻي تنهنجي صورت نياري،
هردم لڳي ٿي مونکي پياري.

٢. خدا توکي آ فرصت ۾ بڻايو،
اَدا تنهنجي آهي سڀ کان نياري.

٣. تنهنجي تعريف ڪجي ڀي ڪهڙي،
تون آهين سڄ جي چنگاري.

٤. ڪير نه توکي ساراهيندو،
تون آهين سڀ جي ڏُلاري.

٥. من ۾ آهي خواهش هڪڙي،
تنهنجو درشن ڪريان ڏهاڙي.

۱. مؤلا مستن جا ڪم پاڻ ڪري،
نه ته ڪيرنمائن نظر ڌري.

۲. هڪ پن نه ڇُري تو تاريءَ جو،
گر مالڪ نه پنهنجي مهر ڪري.

۳. جو ملڻو آ سو ئي ملندو،
ڇا ورندو اجائي پچر ڪري.

۴. وشواس رکي ڪر ڪرم پلو،
رکه مالڪ تي جيئن پاڻ ڪري.

۵. گر قسمت ۾ لکيل آ رسوائي،
ڇا وٺبو اجايو هشر ڪري.

۶. وات سڌي وٺ مالڪ جي،
ڇا ملندو اجايا وکڙ ڪري.

١. اڇو پاڻ ڳڏجي جيون سنواريون،
ملي پاڻ ۾ سڀ خوش ٿي گذاريون.

٢. وڇوڙي ۾ ساري عمر آهہ گذاري،
بچپل کي گهڙيون مزي ۾ تہ گهاريون.

٣. وساري ڀيد پنهنجا سدا ساڻ ڳڏجي،
زُلل يارن کي وري ڳڏ ملايون.

۴. هڪوار ڪم ڪار پورا ڪري سڀ،
سڏائي ڪا محفل سڀن کي نچايون.

۵. رُڪبو وقت ناهي سڀ کي پتو آهہ،
وسامڻ کان پهرين کو ڀنڀٽ مچايون.

١. نيڻ نيڻن سان ملائين ٿي،
پر دل سان دل نہ ملائين ٿي.

٢. جڏهن ملين ٿي مشڪين ٿي،
پر ڳالهہ نہ ڪا ڳالهائين ٿي.

٣. پاسي ۾ بہ رهندي تون،
ڇو ايڏو پوءِ شرمائين ٿي.

٤. چپ چپ رهندي تون ڇو،
پاڻ کي پاڻ پڇائين ٿي.

٥. ڪهڙي ڳالهہ آ اندر تنهنجي ۾،
مونکي ڇو نہ ٻڌائين ٿي.

٦. زندگي تہ اِئين ڪٽجي ويندي،
مايوسي ۾ ڇو گهارين ٿي.

٧. گُل ڪهڙو جو صرف مهڪي،
خوشبوءِ ڇو نہ ڦهلائين ٿي.

۱. اڄ گيت منهنجا ڪنهن ڳايا اِن،
بي موسم بادل ڇايا اِن.

۲. ڪويل پي ڪوُ ڪوُ ڳائي ٿي،
پنجهڙ ۾ پن ٿيا ساوا اِن.

۳. هڏڪيءَ مٿان هڏڪي ٿي اچي،
محبوب منا ڪي آيا اِن.

۴. هر رنگت دل کي ڀائي ٿي،
گُل ڪي پيلا ڪي ڳاڙها اِن.

۵. هوءَ اکڙيون وڇائي ويٺي،
ڪنهن جي اچڻ جا سايا اِن.

۶. بار ملي رانديون ٿا ڪن،
ڇُٽين جا ڏينهن آيا اِن

(٥١)

١. مان جڏهن آسمان کي گهوري ڏسان ٿو،
پکين جي جُهنڊ کي اُڏامندو پسان ٿو.

٢. بادلن جي قطار ڪهڙي نہ دلڪش لڳي ٿي،
قدرت جي نظارن جو ديدار ڪيان ٿو.

٣. ٿڌي هير لڳي ٿي ڪيڏي نہ وڻي ٿي،
گلشن ۾ مهڪڻ گُلن جو ڏسندو رهان ٿو.

٤. هڪ هڪ وڻندو چهرو ڪيئن مشڪي ملي ٿو،
مان جڏهن اِسڪول جي ٻارن سان ملان ٿو.

٥. روح کي راحت ڏين سي اِنسان وڻن ٿا،
هوءَ بہ کلندي رهي ٿي جڏهن گهر اُن جي وڃان ٿو.

(۵۰)

١. زندگي ۾ زندگي کي موت سان ٽڪرائبو،
پل اڇن مصيبتون پر ڪڏهن ڪونه گهٻرائبو.

٢. پاڻ لاءِ تہ هرڪو جيئندو ئي رهي ٿو،
ٻين لاءِ قربان ٿي ۽ مري ڏيکاربو.

٣. ڪيترا ڪونڌر ڪُسي وطن لاءِ امر ٿي ويا،
اڄ وري ساڳيو سمو هڪ وار دُهرائبو.

٤. ڪوڙ جو ٻيڙو ٻُڏي ۽ پاپ جو گهڙو ڀڄي،
نشڪام سيوا ڪري سبق سڀ کي سيکاربو.

٥. بنا رُڪي پنهنجي منزل طرف هلندو هلجي،
سهارو وٺي سچ جو هرڪنهن سان نڀائبو.

١. اي زندگي توکي ڏنو جاچي هر طرف ڪان،
ڪهڙي آ پهچان تنهنجي نہ سمجهو توکي اڃا.

٢. ڪنهن کي تہ اُتاري تون پهچائين عرش تي،
بي سهارن کي چوين، سهارو ڏيئي تي اچان.

٣. جو نہ تي هڪ روپ ۾ پاڻ کي ظاهر ڪرين،
تي ڏکين شايد توکي هرڪو ڏي تهمت متان.

٤. هي غريبي ۽ اميري آهن ٻئي پينر ساڳيون،
ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٻنهين ۾ نفرت پئدا ڪرڻ سان.

٥. ڪنهن کي تي سازي ساهہ ۾ ۽ جيئڻ مشڪل ڪري،
تنهنجي دغائن جو احوال ڪيترو لکي ڪيترو لکان.

(۵۲)

۱. گهور انڌيري ۾ مان اڪيلو رهان ٿو،
چڏي ساٿ سڀ جو مان اڪيلو جيئان ٿو.

۲. ڪير ڪنهن لاءِ مري ٿو مونکي نہ آ ڪا خبر،
مان پنهنجي درد ۾ ئي اڪيلو مران ٿو.

۳. پنهنجا ٻي پاسو ڪري يڳا ويل اؤکي ۾،
اڄ آءٌ ڪنهن کي نہ پنهنجو سڏيان ٿو.

۴. آهي آس من ۾ گر سڄڻ ڪري پوري،
هڪ وار ٿي ديدار جنهن کي پرتيم مڃان ٿو.

۵. گر ساهہ نڪتو نہ غم ڪوئي رهندو،
پاڪر جي پائي جنهن لاءِ جيئرو رهان ٿو.

۶. اڃائون تہ پوريون ٿين ڪونہ ڪنهن جون،
هڪوار ملي هوُ جنهن کي من ۾ ڏسان ٿو.

۷. مايوس رهان ٿي اهڙو اِرادو نہ آهي،
هڪ ڏينهن ملندو اهڙو نشچو رکان ٿو.

١. اسان کي ڪڏهن سچ چوڻ ڪونہ آيو،
اگر يا مگر سان هلڻ ڪونہ آيو.

٢. هئي زندگي پنهنجي سرل ۽ سچي،
پر ڏکي وقت ۾ ڪو ملڻ ڪونہ آيو.

٣. دنيا ۾ تہ بهروپي آهن گهڻا،
اسان کي اُنهن سان هلڻ ڪونہ آيو.

٤. حياتي تہ هرڪو جيئي ٿو پلي،
اسان کي تہ هرگز جيئڻ ڪونہ آيو.

٥. قسمت جو در هو کُليل سپ لاءِ،
اسان کي تہ اُن ۾ گهڙڻ ڪونہ آيو.

٦. جنهن پي گهريو ڪجهہ مالڪ ڏنو تي،
اسان کي تہ اُن کان وٺڻ ڪونہ آيو.

٧. اڇڻ جا اِشاا گهڻا هن ڪيا تي،
اسان کي مگر ڪجهہ ڏسڻ ڪونہ آيو.

٨. سندس ياد ايندي تہ تڪليف ٿيندي،
مگر ڪيس دل مان ڪڍڻ ڪونہ آيو.

٩. اڪيلو سڪيلو ويو وقت ڪٽجي،
'نماڻي' سان پر ڪو ملڻ ڪونہ آيو.

۱. دل جو چاهيو سو نہ ٿيو، مان ڇا ڪريان،
پنهنجن ئي پرائو ڪيو، مان ڇا ڪريان!

۲. گُل گهڻائي گُلستان ۾ ٽڙندا رهيا،
منهنجو ٻوٽو هڪ نہ اُسريو، مان ڇا ڪريان.

۳. مان تہ هرڪنهن کي ڪلي ڪيڪاريو ٿي،
پر نہ ڪنهن مشڪي نهاريو، مان ڇا ڪريان.

۴. مون تہ دل ۾ درد سڀ ڇا ٿي سٺا،
ڪنهن بہ من کي ڪونہ موهيو، مان ڇا ڪريان.

۵. ڪيئن اڃا ٻي ڪا رکان ڪنهن کان اُميد،
ٿي وڃان جي دل شڪستو، مان ڇا ڪريان!

۶. ڪو ڏُکي ۽ ڪو سُکي آهي تہ مالڪ جي رضا،
ڏُکہ ئي ڏُکہ مونکي مليو، مان ڇا ڪريان!

۷. زندگي گذري وئي ڪنڊرهن ۾ سدا،
پر نہ ناهيو ڪو نڪاڻو، مان ڇا ڪريان!

۸. هل سدا رب جي رضا تي سو تہ هرڪو ٿو چوي،
ڇو نہ ٿو سمجهي 'نماڻو'، مان ڇا ڪريان!

١. اڄا وقت آهي اڄا ڳالهہ آهي،
زندگيءَ جي نہ آئي اڄا رات آهي.

٢. مڃان ٿو تہ مونکي وساري ڇڏيو تو،
مگر منهنجي من ۾ تنهنجي تات آهي.

٣. هر ڪنهن جي دل ۾ آهن منداڻيون،
مگر منهنجو توسان سدا ساٿ آهي.

٤. اڳياڙي بہ تن جي سُکي آهہ سڌبي،
پڇاڙي ۾ جن کي خوشي ساڻ آهي.

٥. وساري سڀ ويڇا ’نماڻي‘ سان مل تون،
پاڻ ۾ اسان جو اڄا ناهہ آهي.

١. نہ آسمان هجي ها نہ ڌرتي هجي ها،
اسان جو وجود ڪهڙو رهي ها.

٢. هجي دل نہ ها نہ درد ئي تئي ها،
محبت جو هشر پوءِ ڪهڙو تئي ها.

٣. نہ هوءَ هجي ها نہ مان ئي هجان ها،
ڪهاڻي اسان جي ڀلا ڪيئن بڻي ها.

۴. سرشٽي پو ڪهڙي ڏسڻ ۾ اچي ها،
ڪنهن کي نہ ڪنهنجو پتو ڪجهہ پوي ها.

۵. رچنا هي مالڪ ڪهڙي تئي ها،
'نماڻو' پو ڪيئن ڪوينا لکي ها.

(٥٩)

١. پکي آسمان ۾ اُڏاندا وڃن ٿا،
ملي پاڻ ۾ ڪيئن لنوندا وڃن ٿا.

٢. اِنسان جيون ۾ ڪجهه ڪم ڪري ٿو،
بنا ڪم ڪئي هوُ ترندا وڃن ٿا.

٣. ڪيترا ڏُکَ درد ماڻهو سهي ٿو،
پکي پر سدائين نچندا وڃن ٿا.

۴. جيئڻ جو هُنر آهه هرڪنهن جو پنهنجو،
ڪي رُئندا رهن ڪي کلندا وڃن ٿا.

٥. جيئڻ پاڻ لاءِ هرڪنهن کي اچي ٿو،
ٻين لاءِ ڪي پڻ جيئندا وڃن ٿا.

٦. دنيا آ ڏُرنگي ڪنهن ڪيئن سمجهي،
صحيح وات سمجهي ڪي هلندا وڃن ٿا.

(٥٨)

١. اڄ بادل ڀرجي آيا آهن،
مينهن ڦوڙن جا سايا آهن.

٢. ڳجگوڙ ڪري ڏُڪندا ٿا وڃن،
ڇا قدرت رنگ ڦهلايا آهن.

٣. شاخون بہ ٽيون مستي ۾ لٽڪن،
ڀيلا ڀن بہ هاڻي ساوا آهن.

۴. ڻاريون ملن ٽيون هڪ ٻئي سان،
ڪويل ڀي گيت ڪي ڳايا آهن.

٥. ٿا ماڻهو ملن هڪ ٻئي سان ڪلي،
ٿيا سڀ جا لايا سجايا آهن.

١. اڄ بادل مونکي سنائين ٿا،
ڳجگوڙ ڪري ڏڪائين ٿا.

٢. مان ڪنهن کي ڪونہ چوان ٿو سچ،
جو مستي منهنجي وڃائين ٿا.

٣. ٿڌڙي هوائن جي هي جهونڪا،
جو مونکي وري ليائن ٿا.

٤. ڪي رشتا ها وسري بہ ويا،
جو مونکي ياد ڏيارين ٿا.

٥. ڪي زخم پُراڻا پرجي ويا،
ڇيڙي دل ياد ڏيارين ٿا.

٦. صبر ڪري سهندو ٿو رهان،
جو منهنجي ننڊ ڦٽائين ٿا.

٧. ساھہ جن لاءِ مان ڪيم صدقي،
سي سات ڪونہ نڀائين ٿا.

٨. هوُ سيِ گهر ۾ ٿا سُکي رهن،
’نماڻي‘ جو گهر جو لٽائن ٿا.

١. محفل جو مزو هوُ ڇا ڄاڻي،
پيئڻ جو نشو هوُ ڇا ڄاڻي.

٢. در نہ ڏنو جنهن مئخاني جو،
سو اندر جو نظارو ڇا ڄاڻي.

٣. محبت نہ ڪئي جنهن جيون ۾،
سو جيئڻ جو مزو ڇا ڄاڻي.

٤. پيار ڪرڻ تہ هرڪنهن کي اچي،
چوٽ کائي جيئڻ کو ڇا ڄاڻي.

٥. زندگي تہ اِئين بسر ٿي ويندي،
دلبر سان جيئڻ کو ڇا ڄاڻي.

١. اَسُرَ جي ويلي اُٿي ڪري،
مالڪ جو ڪر ذڪر ذيان ڌري.

٢. نت نيم ڪر شيوا جڳ جي،
جو نئيا تنهنجي پار ڪري.

٣. ڪجهه گذريو ڪجهه باقي آ،
باقي جيون اجائي نہ رهي.

٤. جو جاڳيو تنهن پاتو آ،
مالڪ اُن جا گهڙا ڀري.

٥. جنهن پريت ڪئي پرميشور سان،
بنا ترهي هوُ پيو سدا تري.

(٦٢)

١. ارپيان توکي پاڻ تو منهنجا مالڪ مٺا،
قرب ڪيترا تو آهن مون تي ڪيا.

ننڍي مان وڏو ٿيس تنهنجي مهر سان،
جو جو مان تي چاهيو، سو سڀ تو ڏنا.

٣. حياتي ۾ نہ ڪنهن کي ملي تو سڀ ڪجهہ،
پر تنهن جي مهر سان پاڻہ پلارا ٿيا.

٤. تنهنجا ٿورا مڃي مان ڪيترا مڃان،
تنهنجي مهر جي مينهن ۾ هر هر پسان.

٥. ساهہ سولائي سان نڪري آخري ۾،
اهو عرض ٿو مان تو در رکان.

١. جڏهن ٽڏڙي هير لڳي ٿي،
من ۾ اوچا اُمنگ ڀري ٿي.

٢. دل ۾ عجب احساس ٿين ٿا،
پيارن جي پڻ ياد اچي ٿي.

٣. جادو قدرت جو هر شيءِ ۾،
وڻندڙ سا هر چيز لڳي ٿي.

٤. پل ۾ درد وڃن ٿا وسري،
شاخ هوا ۾ جڏهن لُڏي ٿي.

٥. مٺڙي هوا جڏهن ڇُهي ٿي،
جيون جو ڪو راز سلي ٿي.

(٦٤)

١. خبر ڪونہ آهي ڪوي ڇو لکي ٿو،
اندر جا ڪي اُڌما پنن تي سلي ٿو.

٢. ڏسڻ ۾ اچي ٿو اِنسان سهڻو،
اندر ڪان تہ شايد ڦٽيل ئي لڳي ٿو.

٣. ڳم سُم رهندي بہ رکي سوچ گهري،
پراون جا ڏُکڙا خود ٿي سهي ٿو.

٤. ڏسي زندگي تو پنهنجي نظر سان،
ڏئي لفظ پنهنجا قلم بند ڪري ٿو.

٥. نہ ڪاڏي وڃي ٿو نہ ڪاڏي اچي ٿو،
مگر ڄاڻ سڀ جي هردم رکي ٿو.

٦. سچائي تہ جون جي ڄاڻڻ ٿو چاهي،
ڪوي تنهن ڪري هي سڀ ڪجهہ لکي ٿو.

١. ملڻ جو آڇا آسرو ٿو رکان،
کڏهن وات ويندي ملين تون متان.

٢. زندگي ۾ کڏهن غم ايندو به آهه،
اچايو مان ويهي فکر ڇو کيان.

٣. وقت کنهن جو نه ساڳيو رهي ٿو،
اچايو هي ويچار ڇو دل ۾ ڌريان.

٤. کري مهر مالڪ ته سڀ رهجي اچي،
ملي نه ملي سندس خير ٿو گهران.

٥. اڳياڙي ستي جن جي پڇاڙي سُٺي،
اهڙي اُميدن تي مان ٿو جيئان.

٦. بچيا کونه آهن ڪُنيءَ ۾ ڪٽا،
’نماڻو‘ ڇوي موڪلائي ٿو وڃان.

١. اجايو سجايو ٿا ڇو مونکي سڻايو،
بنا ڏوهه ٿا ڇو ڏوهاري ٻڌايو.

٢. سنئين واٽ ويندي جيئان ٿو جهان ۾،
سنئين واٽ کان ڇو ٿا مونکي هٽايو.

٣. اجايو نه ڪنهن جي پڇڙ ۾ پوان ٿو،
ڏنو ڏيهه ۾ ٿا ڇو مونکي ڪرايو.

۴. پيار ۾ به ڪنهن کي نه دوکو ڏنو آ،
اجايو ٿا بيوفا مونکي چوايو.

۵. نه وقت هاڻي بچيو آهي باقي،
جيئڻ ڏيو لڳي جيئڻ مونکي سٺائو.

چوپايون

ا. قدرت جون فضائون مونکي وڻن ٿيون،
هوائون گهٽائون ڪجهه مونکي چون ٿيون،
ويهي باغ ۾ ڪجهه مان سمجهي سگهان ٿو،
سوين راز جيون جا مون سان سلن ٿيون.

٢. جو هن ڪي وڻي سو سڀ مان ڪريان ٿو،
هر ڳالهه هن جي مان دل سان مڃان ٿو،
هڪ ئي سڏ تي حاضر ٿيان ٿو،
پو به الائي ڇو نه اُن کي وڻان ٿو!

٣. لڪل درد هڪڙو جو دل کي ٿو گهاري،
هوندي پي سڀ ڪجهه اندر پيو ٿو ساڙي،
سندس خيال هردم جو مونکي ٿو ڳاري،
ڪري قياس مون تي ڇو نه مالڪ ٿو ماري.

١. وڃي دور کان دور ڪيڏو به ويندين،
مگر مونکي دل مان هٽائي نه سگھندين.

٢. وري وقت ايندو جو موٽي تون ايندين،
چاهيندي به مونکي ڀُلائي نه سگھندين.

٣. ننڍپڻ جون ڳالهيون ۽ اِسڪول جا ڏينهن،
وري سو زمانو مٽائي نه سگھندين.

٤. الڳ چيز آهي هيءُ عاشقي جو عالم،
زماني کي ڪڏهن ڀي ٻُڌائي نه سگھندين.

٥. ڪندين ڪيتري ڀي وسارڻ جي ڪوشش،
'نماڻي' سان ناتو مِٽائي نه سگھندين.

چوپايون

١. مونکي نہ پيار ڪڏهن ڪنهن جو مليو آ،
جنهن کي مون چاهيو نہ پنهنجو ڪيو آ،
ڪو نہ ٻُڌائي مون ڏوهہ ڪهڙو ڪيو آ،
مونکي نہ پيار ڪڏهن ڪنهن جو مليو آ.

٢. وقت هردم هلندو ئي رهي ٿو،
ڏينهن کان پو رات ۽ صبح ٿئي ٿو،
ڇو منهنجي جيون ۾ نہ وقت ڦُري ٿو،
مونکي نہ پيار ڪڏهن ڪنهن جو مليو آ.

٣. بادل جي گجن ٿا آخر تہ وسن ٿا،
نديون ۽ نالا تمتار ٿين ٿا،
ڇو منهنجي حصي ۾ نہ ڪجھہ رهيو آ،
مونکي نہ پيار ڪڏهن ڪنهن جو مليو آ.

چوپايون

۱. اڃا پيار ڏي اڃا پيار ڏي،
انهيءَ عيش آرام ادمبر جي هوندي،
محل ماڙين ۽ گاڏين جي هوندي،
بنا پريم جي دل خالي رهي ٿي،
اڃا پيار ڏي اڃا پيار ڏي.

۲. ڪُٽنب ۽ قبيلي ساڻ گڏ رهندي،
پنهنجائي نه مونکي نظر ڪا اچي ٿي،
تون رهبر بڻجي مونکي ساٿ ڏي،
زندگي ۾ ڪنهن جو ته سهارو ملي،
اڃا پيار ڏي اڃا پيار ڏي.

۳. وڃان ٿو جتي پي نه منزل ملي ٿي،
وفا جي بدلي جفا ئي ملي ٿي،
انهيءَ دل مايوس حالت جي هوندي،
انڌيرو هٽائي ڪجهه ته روشني ڏي،
اڃا پيار ڏي اڃا پيار ڏي.

چوپايون

١. جي دلبر جو ديدار نہ ٿيندو،
مونکان کو ڪم ڪار نہ ٿيندو،
جان گھري گر محبوب منهو،
رب جو قسم اِنڪار نہ ٿيندو.

٢. هن سان جڏهن جدائي ٿي وڃي ٿي،
خدا جو قسم زندگي زهر ٿي وڃي ٿي،
هڪ نہ هڪ ڏينهن تہ هرڪو مري ٿو،
پر هت روز مون مرڻو پوي ٿو.

٣. ماڻهو منا ڪي اَهڙا پيي آهن،
رسوائي ۾ سي وڻندا بہ آهن،
هي رشتو دلين جو دلين سان آهي،
ڪي سمجهن ڪي نہ سمجهندا آهن.

چوپايون

۱. جڏھن بہ منھنجو روح رُلي،
ڏُکہ دردن ۾ من ٻڏڪي،
رھبر بڻجي ساٿ ڏي مونکي،
موھہ مايا ۾ نہ من اٽڪي.

۲. سُدرشن چڪر تہ ھلندو رھندو،
وقت ڪڏھن نہ رُڪندو رھندو،
سوچ سمجھہ ڪا اھڙي ڏي،
اوندھہ ۾ ٻي ڊگہ چمڪي.

۳. ٿڪل مسافر وانگر آھيان،
رُڪجي رُڪجي وکون وڌايان،
مھر ڪجاءِ پريو مون تي،
مٿان ڪٿي ڪو ٿابو ڪاوان.

چوپايون

١. رات وري هوءَ خواب ۾ آئي،
اُن ڪانپوءِ وري ننڊ نہ آئي،
گهڻو وقت هئي مون سان هوءَ گڏ،
ڏسڻ ڪانسواءِ نہ ٿي ڳالهہ ڪائي.

٢. سڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين،
هڪ ٻئي کي ڏاڍو وڻندا هئاسين،
خبر نہ آهي وياسين ڪيئن جدا ٿي،
گهڻي مُدت ڪانپوءِ وري اچ ملياسين.

٣. مون چاهيو اُٿي ڪيس ڀاڪر پايان،
پنهنجو پيار هن سان ظاهر ڪريان،
ڇُرپُر بدن هن جي ۾ جاڳي گهڻي،
ڇپائين تہ توسان ملي پو وڃان

چوپايون

١. گيت نئون مان ڳايان ٿو،
ساز پُراڻو وڄايان ٿو،
سڪ سوز جا مصرا ناهي مان،
دل جو درد ٻُڌايان ٿو.

٢. اُڀ ۾ بادل خوب اچن ٿا،
ڀڄندا هڪ ٻئي پٺيان وڃن ٿا،
سڀ کي پنهنجي پٺيان لڪائي،
وسندا بنان رُڪي وڃن ٿا.

٣. گلشن ۾ اڄ گُل ڪليا اِن،
سُڳنڌ سموري سان مهڪيا اِن،
جڳ ۾ ڪيئن خوش ٿي هلجي،
جيون جو ٿا راز ٻُڌا اِن.

چوپايون

١. ڳُم ڳُم ڇو تون رهندو آهين،
الڳ سلڳ ڇو گهمندو آهين،
اندر اوري هيانوَ ڪر هلڪو،
چنتا ۾ ڇو گُهٽبو آهين.

٢. دنيا مطلب جي مايا آهي،
ڪنهن جي ڪنهن تي ڇايا آهي،
پنهنجي پوکي پاڻ ئي کاءُ،
سڀ جي پنهنجي رايا آهي.

٣. جو تون چاهين سو نہ ٿئي ٿو،
واڪا ڪر پر سڏ نہ ملي ٿو،
دل نہ ڏيري ڪر مايوسي ۾ تون،
مؤلا سڀ ڪم پاڻ ڪري ٿو.

چوپايون

١. ڏک ۾ جو مزو آ سُک ۾ نہ سو مليو آ،
سُورن جي سيج ڀوڳي منزل تي سو پهڳو آ،
اِنسان سو ٻٽيو آ درد دل ۾ جنهن ڌريو آ،
طوفان ۾ بہ هردم اُن جو ڏيئو ٻريو آ.

٢. احساس جنهن کي ناهي جيئرو بہ مُڙدو آهي،
هلچل جي زندگي ۾ ٻيهڻو ڪٿي بہ ناهي،
مندر ۽ مسجدن ۾ ڏينهن رات جو وڃي تو،
حاصل نہ ڪجھ ٿئي تو گر دل ۾ درد ناهي.

٣. قدرت جو نيم آهي مرڻو سڀ کي آهي،
انداز پر جيئڻ جو هرڪنهن جو پنهنجو آهي،
باقي بہ ڏينهن پنهنجا چاهين تہ خوش گذارين،
مڃ ڳالھ 'نماڻي' جي هڪ روئندڙ کي جي کلائين.

چوپايون

١. تون جي چاهين تنهنجو ٿيان،
ءُ توسان پيو پيار ڪريان،
منهن نہ مٺائيج ڪڏهن بہ مونکان،
جيئن تنهنجو مان ديدار پسان.

٢. سور هجي هڪڙو تہ سليان،
ڪنهنجو ڪنهنجو ذڪر ڪريان،
پنهنجن پاڻ ڪيو پڌرو،
ڪنهنجا ڪنهنجا روئڻ روئان.

٣. مالڪ جڏهن مهر ڪري ٿو،
جهولي منهنجي خوب ڀري ٿو،
روڙا سڀ رستن جا هٽائي،
جيون نئيا پار ڪري ٿو.

چوپايون

١. داتار تنهنجي در عرض ٿو ڪريان،
مرڻ تائين ڏيان تنهنجو ڌريان،
اگر تون مونکي اهڙي توفيق ڏين،
هرڪنهن جي گود جيڪر سُکن سان پريان.

٢. وڻ جيترو وڏو ٿيندو وڃي ٿو،
سڀ جو ڪيترو مددگار رهي ٿو،
اُس جي ستايل هر بني بشر لئہ،
ڏئي ڇانو ٿڌيري آرام گاهہ ٿئي ٿو.

٣. هر ماڻهو جو پئدا ٿئي ٿو،
سوچ پنهنجي پنهنجي رکي ٿو،
ڪو ڀري ٿو پنهنجا ئي پيٽ،
ڪو ٻين کي مالامال ڪري ٿو.

٥. پنجھڙ ۾ سُڪي پن جيڪي پيلا ٿين ٿا،
برسات ۾ پڇي سي وري ساوا ٿين ٿا،
مرندڙ کي بچائي جيون دان ڏنو آ،
ڇو غم ئي زماني جو صرف مونکي مليو آ.

٦. هر ڪنهن کي جيون ۾ ڪو پيار مليو آ،
ڪنهن کي يار ته ڪنهن کي دلدار مليو آ،
مونکي ئي نه ڇو ڪو غم خار مليو آ،
غم ئي زماني جو ڇو مونکي مليو آ.

چوپايون

١. غم ئي زماني جو ڇو مونکي مليو آ،
هرڪنهن جو درد ڇو مونکي مليو آ،
مشڪل ۾ ٿهڪ ڏئي ته هرڪنهن کي وڻي ٿو،
قسمت ۾ پلئه ڇو روئڻ مونکي مليو آ.

٢. پاڻي ته نديءَ ۾ وهندو ئي رهي ٿو،
مگر ساهه منهنجو ڇو گهٽيو رهي ٿو،
ڪئي ڪهڙي خطا آهه جو هي حال ٿيو آ،
غم ئي زماني جو ڇو مونکي مليو آهه.

٣. ڏينهن ڪانپوءِ رات ۽ پريات اچي ٿي،
منهنجي ئي جيون ۾ ڇو ڪاري رات رهي ٿي،
ڪو مونکي ٻڌائي ڪهڙو پاپ ڪيو آ،
ڇو غم ئي زماني جو مونکي مليو آ.

٤. ڪنهن جو نه ڪڏهن مان ونگو وار ڪيو آ،
دُشمن کي به دوست ڪري پيار ڪيو آ،
هرڪنهن سان ملي مون ساٿ ڏنو آ،
غم ئي زماني جو ڇو مونکي مليو آ.

گيت

١. ويچارن سان ڪوي لکي ٿو،
جيئن جيئن وقت ڦرندو رهي ٿو،
ويچار ڪوي جو بدلبو رهي ٿو،
ڪويتا ۾ سو نظر اچي ٿو.

٢. صبح جو تازي هوا لڳي ٿي،
پرسان مندر مان گونج اچي ٿي،
ڪويتا جو آغاز ٿئي ٿو،
ايشور تي هوُ تڏهن لکي ٿو.

٣. جيئن جيئن ڏينهن گذري ٿو،
ڏنڌي ڌاري جو خيال رهي ٿو،
ڪوي قلم کي ڦيرو ڏي ٿو،
دنياداري جو احوال لکي ٿو.

٤. شام سهاني جڏهن اچي ٿي،
هير ٿڌيري جڏهن لڳي ٿي،
پريم جا گيت تڏهن لکي ٿو،
پريت ڪوي کي ياد اَچي ٿي.

٥. رات چانڊني جڏهن اچي ٿي،
دل ڪوي جي پوءِ مچلي ٿي،
مئخاني جي مستي لکي ٿو،
ڪيس دلربا جي ياد اچي ٿي.

گيت

١. جيجل منهنجي امان،
تنهنجي قربن مٺان،
ڇا ڇئي ڇا ڇوان،
ڇا ڇئي ڇا ڇوان.

٢. تنهنجي گود مئي،
سيج سڀ ڪان سُٺي،
ننڊ مون تي ڪئي،
لولي تو تي ڇئي،
ساهہ تنهنجي مٺان،
مان تہ صدقي وڃان،
جيجل منهنجي امان..... ڇا ڇئي ڇا ڇوان....

٢. جڏهن ڀي مون رُنو،
کير تو تي ڏنو،
اُسُر جي وقت ۾،
جنڊ جي آواز ۾،
شبد تو تي ڇيا،
سُر مون تي ٻُڌا،
تنهنجي قربن مٺان،
ڪيئن نہ قربان ٿيان،
جيجل منهنجي امان..... ڇا ڇئي ڇا ڇوان....

Celibrating Golden Marrige Anniversery in Dubai
















Relasing my poem book "UDHMA"
by Shri Dayal Meshri President Global Si
Asociation with Shri Ramesh Varliyani
ViceChairmen of NCPSL New Delhi,
and Nanik Ahuja

Hasratoon (Collection of Gazals)

By : Nanik Ahuja 'Nimano' Email : nanikindore@gmail.com



شاعري مجموعو

حسرتون

ليکڪ جي باري ۾

نالو : نانڪرام آهوجا 'نماڻو'

ائڊريس : گهر نمبر 340، سيڪٽر AD، اِسڪيم 74،
اِنڊور-452010.
فون: 0731-4209966 مو.: 07828857433

نوڪري : رٽاير اسسٽنٽ ڪمشنر، ڪسٽمس ۽ سينٽرل ايڪسائيز.

جنم تاريخ : 19 مارچ 1935.

جنم اِستان : ڳوٺ سُلطان ڪوٽ، ضلع شڪارپور-سنڌ.

ادبي سفر : شاعري جو ڪتاب ''اُڌما'' 2012 ۾ ڇپيل، ڪيترن ئي NCPSL ۽ MP سنڌي اڪامي جي سيمينارن ۽ مشاعرن ۾ ڀاڱہ ورتل. مشهور سنڌي مخزن، ڪونج، سپون، ڇوليون، سنڌي مشعال وغيره ۾ شعر ڇپيل. اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي اِنڊور چئپٽر جو لائيف ميمبر، سنڌي ادبي سڀا اِنڊور جو وائيس پريزيڊنٽ.

سوشل سفر : ساڪيت سنڌي برادري جو اڳيون سيڪريٽري، ميگهدوت سنڌي سوسائٽي جو اڳيون پريزيڊنٽ، اِنڊور جي مشهور يشونت ڪلب جو لائيف ميمبر جتي روز نيم سان ٽينس، بلئرڊ، جم ۽ سومنگہ ڪندو آهي.